ڈاڪٽر احسان دانش

شاھ لطيف جي شاعري: درد کان اميد تائين

Abstract:

The Poetry of Shah Latif: From Pain to Hope

Shah Latif is the poet of all ages. He is not the poet of a single society but he is the poet of the world at large because his thought is universal, hence, Latif's poetry is applicable to all societies of all ages. On one hand, Latif depicts pain, suffering and separation and on the other hand his verse carries the strong message of ultimate hope.

Many of Latif's characters appear to be fighting the battle of life with courage, confidence and resilience and they also seem to be optimistic and upbeat. His poetry depicts optimism and hope that can reinvigorate a broken and distressed person. Latif is against disparity in any and every situation / circumstances. It is for this reason that we call him the poet of hope and struggle.

Just like there are occasions of collective happiness and celebration so are times of collective pain and suffering. Floods, earthquakes and storms inflict collective agony and anguish. In fact, the relationship of sorrow is stronger than the bond of blood relationships. Latif advises the men in trouble to share their experiences of misery and affliction with one another. It is a great source of relief for men in grief to share their pain. Latif's advice is not limited or restricted to the people of Sindh but his message with regards to getting rid of distress and disparity is for the whole world.

In this research article I have done the selective study of Shah Latif's poetry, highlighting his concept of suffering and pain leading to pleasure and hope.

Key words: *optimism, affliction, disparity, resilience, universal.*

شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ هونءَ تہ سهسين رنگ سمايل آهن، پر غم جو گهرو رنگ سڀني ڪلام تي ڇانيل آهي. هونءَ تہ درد جو بہ ڪو هڪ رنگ نہ آهي پر ان

جو گهرو روپ ۽ رنگ اٽڪيهين رات جي ٻاٽ جهڙو آهي.... گهرو سياه ۽ نڄُ ڪارو. رات، جنهن جي پيٽ ۾ پل هزار تانڊاٽان ڇونہ جرڪندا هجن پر رات جي اونداهيءَ کي ٽوڙي نہ سگهندا آهن. دردُ بہ بلڪل ائين ئي آهي، جيڪو سمورن انساني احساسن تي حاوي ٿي وڃي ٿو. درد جي ڪا حد ۽ سرحد نہ آهي، درد جو ڪو ديس نہ آهي، درد جو ڪو هڪ دور ناهي، درد جي ڪا هڪ شڪل ناهي. اهو اڪٻ، بيحد، وقت کان مٿاهون ۽ گهٽ رخو آهي. لطيف سائينءَ جي سموري شاعريءَ ۾ درد جو دور ۽ غم جو ورد موجود آهي. سُر ڪلياڻ کان سُر بلاول تائين رڳو سورَ جو سفر آهي. شاھ لطيف "هن ڌرتيءَ تي رهندڙ انسانن جي اندر ۾ جهاتي پائي، انهن جي ڏُکن سکن کي سهيڙيو، سندن سپنن کي پنهنجي نيٽن ۾ سانڍيو ۽ پنهنجي شاعريءَ کي انهن جي تعبير جو آئينو بٽائي ڇڏيو."[1]

شاھ لطيف جنهن دور ۾ اک ڪولي اهو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي طور انتشار جو دور هو. دردُ جيڪو سنڌ جي ماڻهن کي صدين کان سُتيءَ ۾ مليو آهي، ان دور جو ماڻهو بہ ساڳي پوڳنا ۽ پيڙا مان گذري رهيو هو. جبر جون الڳ الڳ صورتون هيون ۽ سنڌ جون ماڻهو بي وس ۽ لاچار هو. سراج ميمڻ لکيو آهي تہ "لطيف، سنڌ جي تاريخ جي ان دور ۾ ڄائو، نپنو ۽ جواني ماڻيائين، جڏهن سنڌ وڏن ڏولائن ۾ هئي. ارغون ۽ مغلن جي باهوڙ مان سنڌين مَسَ مَسَ وڃي جند آزاد ڪرائي هئي ۽ ان آزاديءَ لاءِ رتُ جي سمنڊ کي پار ڪري آيا هئا. ڪلهوڙن جي حڪومت جو دور ائين ڇڄي تہ نيم آزادي، نيم غلامي جو دور هو. سنڌ آزاد هوندي بہ، پنهنجن جي حڪومت هوندي بہ مغل شهنشاهت جي وفاق (Federation) ۾ واڳيل ۽ جوٽيل هئي."[2] سنڌي ماڻهو ان دور ۾ بہ عدم تحفظ جو شڪار، وسوڙيل ۽ ويڳاٽو هو. حقيقت اها آهي تہ صدين کان وڻي سنڌي ماڻهن جو درد صائب تبريزيءَ جي هن شعر جهڙو ئي آهي:

خوں بہ جای آب از سرچشمہاءِ گردَد رواں
کوہ بردارَد اگر دردِ منِ بچارہ را

* جيڪڏهن جَبلَ بہ مون ويچاري جي درد کي پنهنجن ڪُلهن تي کڻن تہ آبشارن مان پاڻيءَ بدران رَت نکرڻ شروع ٿي وڃي.

"سماجي ابتريءَ ۽ طبقاتي نظام واري اهڙي ماحول ۾ شاھ لطيف هيٺن جو هڏ ڏوکي ٿي اُپريو. هن سنڌ جي منتشر سماج کي جوڙڻ لاءِ انسانيت کي اوليت ڏيندي

غريب ۽ امير، آقا ۽ غلام، جاگيردار ۽ هاري جي سَنڌي کي ختم ڪرڻ ۽ طبقاتي نظام کي ٽوڙڻ جا جتن ڪيا ۽ ذات پات جي بنياد تي قائم ويڇن کي ميٽڻ جي ڪوشش ڪئي. پٽائي 'ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي' جو تصور ڏئي هڪ نئون سماج اڏڻ پئي چاهيو."(۳)

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ لطيف ڪنهن هڪ دور جو شاعر نہ آهي بلڪ هر دور جو شاعر آهي، ائين ئي پٽائي ڪنهن هڪ سماج جو شاعر ناهي پر سموري دنيا جو شاعر آهي، انهيءَ ڪري اسان سندس فڪر کي آفاقي فڪر چوندا آهيون. لطيف سائين جي شاعريءَ جو اطلاق هر دور ۽ هر سماج تي ٿئي ٿو. ڇا درد رڳو ڪنهن هڪ سماج لاءِ ناسور آهي يا دنيا جا سمورا سماجَ دُکَ جي بنيءَ ۾ ٻري رهيا آهن؟ جنهن ڏرتيءَ تي اڄ ڳڻين سالن کان جنگ هلندي هجي ڇا اُتي اهنج ۽ ايذاءُ نہ هوندو؟ جن ملڪن ۾ صدين کان بُکَ برڙباڪاس وانگر پنهنجا پَرَ پکيڙي وينِي هجي ڇا اُتي دُکُ نہ هوندو؟ ڇا دنيا جون سموريون مظلوم قومون جيڪي ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسيجي رهيون آهن ۽ سندن استحصال ٿي رهيو آهي اهي اڪٿ درد ۾ مبتلا نہ هوندیون. ڇا 2022 واري برسات ۽ ٻوڏ کان پوءِ جڏهن سموري سنڌ درياهه ٻڌجي وئي آهي تہ بي گهر ٿيل ماڻهو بي چين نہ هوندا؟

نظامي جو شعر آهي تہ:

بہ ہنگامِ سختی مشو ناامید
کز ابرِ سیہ بارد آبِ سپید

* سختيءَ جي وقت نااُميد نہ ٿي، جو ڪارن ڪڪرن مان اڇو پاڻي وسندو آهي.

اڇو پاڻي سڀ وقت جي اڳ ڪٽي ئي ڇونہ هجي پر 2022 واري برسات جي صورت ۾ سنڌ جي ماڻهن مٿان اهو اڇو پاڻي غمَ جو تيزاب ٻڌجي ڪِريو... حقيقت اها آهي تہ انهن شديد ۽ قهري برساتن ۽ درياهه جي اُتل ۽ گهارن سڄي سنڌ کي درد جي تصوير بٽائي ڇڏيو آهي. سنڌ جي اها تصوير اصل ۾ درد جي نئين تشريح آهي... محمد فضولي بغدادي جو هڪ شعر آهي تہ:

شُد کہن ایوانِ گردون را بنا
چون نریزد بر سرِ ما گردِ غم؟

*آسمان جي ايوان جي عمارت پراٽي ٿي وئي آهي، اسان جي سِرن تي غم جي دز ڪيئن نہ ڪرندي؟

وقت جي وڏي خوبي اها آهي تہ اهو سڪيو هجي يا ڏکيو پر گذري ويندو آهي، پر ڏُکَ ۾ شايد وقت جي رفتار گهٽجي ويندي آهي، شايد دردُ وقت جي پيرن ۾ سَنگهرون وجهي ڇڏيندو آهي. اڄ سنڌ جو غريب پورهيت ۽ ڪمي ڪاسبي، آٽين ۽ چاڑهين وارو طبقو بيشڪ تمام وڏي تڪليف ۽ امتحان جي گهڙيءَ مان گذري رهيو آهي پر جيڪو ڪجهه اڄ آهي، اهو سياڻي نہ هوندو ۽ وقت گذري ويندو. اسان کي ڏک ۽ تڪليف جي هر گهڙيءَ ۾ پنهنجا حوصلا بلند رکڻا آهن ۽ پنهنجي ٻانهن جي ٻَل تي ياڙڻو آهي... اهڙو ڏُس اسان کي لطيف سائين ئي ڏئي ٿو.

سَؤ ڪوهَ ڪري سَيَکا، تون کُهي کَٽِج وِکَ،
تاٽِج منجهان تِکَ، تہ پنڌُ پاسي پر نبري.
(سُر سسئي آبري، د 9، ش)

ٿَکِيائي تَر ٽيل، چَڙهُ چُکِيائي چوٽِيين،
هَلَندي هوتَ پنهونءَ ڏي، يَؤ مِڙيئِي ييل،
اُٿي رائو ريل، ويڻن تان وارِي وَري.
(سُر سسئي آبري، د 8، ش)

اسان کي بہ پنهنجي اندر جا سمورا پئو متائي، هڪ نئين حوصلي ۽ اميد سان اُٿڻو آهي ۽ ان درد کي شڪست ڏيڻي آهي... شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود اڪثر ڪردار پنهنجي همٿ حوصلي ۽ اڏولتا سان جيئڻ جي جنگ وڙهندي نظر اچن ٿا انهن وٽ رجاعيت ۽ اميد نظر اچي ٿي. اهي ڪردارَ درد جي اڄ ڳڻين طوفانن سان جهيڙي پنهنجي اکين جي پُتلين ۾ آس جا ڏيئا ٻاري جيئن ٿا. شيخ ايار لکيو آهي تہ "هر هڪ ڪردار پنهنجي جنت ۾ وڃڻ لاءِ ڪهاڙيءَ سان ان جا بند در پيچي رهيو آهي ۽ سندس ٻانهون ساٽيون ٿي پيون آهن. ان لاڳيتي جيءَ جي جوکي، مسلسل جستجو جي حالت ۾ ڪٽي بہ مايوسيءَ جو پاڇو نہ ٿو پئي. ڃڻ هن جو هر ڪردار عذابن جي ٻوڏ ۾ ٻُڏي چوندو هجي تہ هن ڏرتيءَ تي جيستائين گلَ ٽڙيل آهن، ٻارَ آهن، پَکي آهن، ڍڃڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويندو."(۴) اها اميد پسندي پٽائيءَ جي

سموري شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿي. ٽٽڻ کان پوءِ جُڙڻ، کرڙ کان پوءِ اُٽڻ، اٽڻ کان پوءِ هلڻ ۽ پنهنجي اڳيان ڪجهه ئي وکن تي پنهنجي منزل ۽ ماڳ کي ڏسڻ امید پرستي ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

ڪاهوڙيُن ڪَٽِي، ساجُهرُ ٻَڌا سَندِرا؛
ڏورِيندي ۾ ڏُونگرين، ڪَيائُون پاڻُ پَٽِي؛
ڏَڪَن ڏِيلُ هَٽِي، ڇيهہُ لَڏائُون ڇَپَرين.
(سُر ڪاهوڙي، د 1، ش)

ڏيهَ ڏيهائِي ناهِ، جِتي پيرُ نہ پَڪِيان؛
تِتي ڪاهوڙِيان، وَرَ ڏيئِي وَڃَ چُونڊِيا.
(سُر ڪاهوڙي، د 1، ش)

شاهہ جا ڪاهوڙي عمل جي دنيا جا بادشاهہ آهن. هو اڻ ڏٺل شيءِ يعني ڏُڃَ جي ڳولا ۾ آهن ۽ ڪين اميد آهي تہ ڏورڻ سان ڪين ڏڃ ضرور حاصل ٿيندو ۽ جڏهن هو ساجهر ئي سندرا ٻڌي پنهنجي مقصد ماڻڻ جي اميد سان ڏونگر ڏورين ٿا تہ وڏي ڪان وڏي تڪليف ۾ سندن آڏو ٽڃ بڻجي وڃي ٿي ۽ انهن جاين تي ۾ وڃي پهچن ٿا، جتي ڪڏهن ڪو پڪي ۾ نہ لٿو آهي. اڄ جي سنڌ ڪي ۾ پٽائي جي اهڙن ئي ڪاهوڙين جي ضرورت آهي، جيڪي هر وقت پُر اميد هجن ۽ مايوسي کي مات ڏئي منزلن ڊاهن وڌندا رهن. جن جون آسون ۽ اميدون پوريون ٿيندیون آهن، انهن جي دلين جون ڪيفيتون ئي نرالیون هوندیون آهن. اهي خوشين ۾ ماپندا ئي ناهن.

ڪَري آسَ اَپارَ، پاريءَ جَهليو نہ رَهي
ٻيلي ۽ ڳِرنارِ، اُنو گَنگا جَرُ جَڪَرو.
(سُر بلاول، د 2، ش)

حقيقت اها آهي تہ اميد، مايوسيءَ جي ڏهڙ مان نڪرڻ ۽ زندگيءَ ڊاهن موٽڻ جو نالو آهي پر اسان مشرق ۽ مغرب جي شاعريءَ جو مطالعو ڪنداسين تہ اسان کي رجاعيت جي پيٽ ۾ قنوطيت گهٽي نظر ايندي. ننديءَ کنڊ جي شاعرن مان جيڪڏهن غالب جو ئي مثال وٺون تہ هن جي شاعري مايوسيءَ سان پريل ۽ وٽس ڪابہ اميد نہ آهي. چوي ٿو:

کوئی امید بر نہیں آتی
کوئی صورت نظر نہیں آتی

اهڙي طرح پنهنجي هڪ ٻئي غزل ۾ چوي ٿو:

کہتے ہیں جیتے ہیں امید پہ لوگ
ہم کو جینے کی بھی امید نہیں

ائين ئي اردو جو هڪ ٻيو مشهور شاعر ساحر لڌيانوي چوي ٿو:

بس اب تو دامنِ دل چھوڑ دو بیکار امیدو
بہت دکھ سہہ لیے میں نے بہت دن جی لیا میں نے

لطيف سائين وٽ ايڏي مايوسي نہ آهي. پٽائي وٽ ڏُکَن جي درياهہ مان ۾ اُپڙي پار پوڻ جي اميد آهي.

جاڳي جَرَ متاءُ، تاري ونءُ تراز کي.
(سُر سريراڳ د 5، ش)

ائين ۾ ناهي تہ پٽائي رڳو اميد جي ئي ڳالهہ ڪئي آهي، هن جي شاعريءَ ۾ جتي آس ۽ اميد جي روشني آهي اُتي نا اميديءَ جي ڳالهہ ۾ آهي.

نا اُميدي نُورُ، اُميدَ اُونداهہ اُن کي
(سُر آسا د، 6، ب)

ڏسجي تہ اها بنهہ ابتي ڳالهہ آهي. نا اميدي نور ڪيئن ٿي سگهي ٿي ۽ اميد کي اوندهہ ڪيئن ٿو چئي سگهجي؟ پر لطيف سائين جو گهڻو ڪلام اُبتاڻ جي فلسفي تي آڌاريل آهي. هن جي شاعريءَ ۾ نفي ۾ اثبات جو فلسفو موجود آهي. ائين ئي پٽائي نا اميديءَ مان ۾ اميد پيدا ڪري ٿو.

نا اُميدِي نيحُ، تہ اوڏي ٿِيين اُميدَ کي
(سُر آبري، د 1، ش)

"ايڇ ٽي سورلي کي مشرق جي تصوف ۾ 'نا اميديءَ جو فلسفو' نظر آيو هو. پٽائي جي خيال ۾ ۾ اميد جو ٻڙ بٽياد، نا اميدي ئي آهي. جيئن وجود جو بنياد عدم آهي. وجود، عدم جي انهيءَ تاکيي مان نڪتو آهي، جنهن کي بقا ئي بقا آهي. عدم وجود کان وڌيڪ سگهارو آهي. وجود کي جيڪي واءُ لوڏين ٿا، عدم جي الکپٽي کي انهن کان ڪوبہ ٻئو ناهي. هونئان هوت پري آهي ۽ اڻ هوند کي اوڏو آهي."[5] رامڪليءَ جا جوڳي مڙني ترشنائن کي تياڳي نا اميديءَ جي چادر ويڙهي، ڪڏهن تازي گهوڙن جي پُنيءَ تي پيا هلن تہ ڪڏهن پيادا پٽَ تي پيا پُرن. وٽن نہ ڪا اميد آهي نہ

حسرت ۽ خواهش، اهي هر حال ۾ خوش آهن. اهي جوڳي ۽ سامي سنسار جي مها ساگر ۾ تنبي وانگر ترندا ٿا وتن ۽ اهي اگر ڪڏهن واڳونءَ جي وات ۾ هليا وجن ته ڪجھ ڪُڇندا ڪونہ.

نا اُميدي آڇڪو، اَوڇَڻُ آديسِن؛
ڪَڏَهِن تازِيءَ پُڻِ تي، ڪَڏَهِن هيڻ هَلَن؛
سامِيڙا سَمُوندَ ۾، تنبي جِئن تَرَن؛
جي واڳونءَ واتِ وِجَن، تان ڪُسَن، ڪُيَجَن ڪِينَ ڪِيُ

(سُر رامڪلي د 5، ش)

"ناااميديءَ کي ائين پاڻ سان آڇڪي طور ڪٽي هلڻ وارو ڪم ئي انسان کي پنهنجي فڪري ارتقائي پنڌ جي پنڌ ۾ رهنمائي ڪري ٿو... اهڙين حالتن ۾ جڏهن اهي پڪي پختي ذهن وارا ماڻهو واڳونءَ جي وات جهڙي خطري ۾ وجن ٿا ته مورڙي وانگر پنتي نہ ٿا هڻن پر جڳَ کي جڳمڳ ڪرڻ لاءِ سر ڏئي سرها ٿين ٿا، جنهن مان وري ڪا نئين آس اميد اُپري ٿي."[٦]

لطيف سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ موجود ڪمزور ۽ پيڙيل ڪردارن کي پُر اميد رهڻ لاءِ ان ڪري چوي ٿو جو جتي اميد نہ هوندي آهي، اتي انتشار ۽ پيدا ٿيندو آهي ۽ ماڻهو پنهنجي دُک ۽ درد جي ڪيفيتن سبب ايترو ته مايوس ٿي ويندو آهي جو ان ۾ اٽڪ جو حوصلو ۽ نہ رهندو آهي. هڪ آس ۽ اميد ٽُنَل، پُريل ۽ ڪريل ماڻهوءَ کي ۽ اڌاري سگهي ٿي، وري نئين زندگيءَ لاءِ اتساھ ڏئي سگهي ٿي، جيئن مولانا رومي پنهنجي مثنوي ۾ چيو آهي:

ہیں بیا اکنوں میاں راچست بند،
خیز ای گرینده و دایم بخند. *

(جلدي اچ ۽ پنهنجيءَ چيلھ کي سوگھو ڪري بَڌُ، اي هيڻ ڪري پيل ۽ روئڻ وارا اُٺ ۽ هميشہ لاءِ خوش ٿيءُ.)

پٽائي ۽ پنهنجي رسالي جي سُر حسيني ۾ بلڪل اهڙي ئي ڳالھ ڪئي آهي:

پيڙي پيڙي بَنڌُ، سُورائِتِي سَندَرو
ڪيڇُ پراهُون پَنڌُ، سُورَن رِءَ نہ سُٽِرو.

(سُر حسيني، د 6، ب)

سورن ريءَ ماڳ رسڻ کو سٽرو ڪم نہ آهي، پر جي، کو ماڻهو دردن اڇيان هارائجي ويندو ته مايوسي ئي سندس پلئ پوندي ۽ پٽائي کي ڪنهن ۽ صورت مايوسي پسند نہ آهي. ان ڪري اسان ڪيس اميد ۽ جستجو جو شاعر چئون ٿا. "شاھ جي شاعريءَ ۾ درد جو تمام وڏو ڪارج آهي..... پٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ انهيءَ ڏرت ۽ ڏولائي جو رڳو ذڪر نہ ڪيو آهي پر ان کي ڪنهن وڏي مقصد ۽ ڪارج سان جوڙيو آهي. شاھ جي ڪلام ۾ ان غم جي غوغاءَ کي غور سان ٻڌبو ته ان جو هڪ سماجي ڪارج ۽ نظر ايندو، چوتہ اهو دُک خود انهيءَ متيءَ مان جنميو آهي، جنهن متيءَ مان اهي ڪردار پيدا ٿيا آهن جيڪي پاڻ سان سدائين سورن جو ثمر ساڻ ڪٽي هلن ٿا. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته شاھ لطيف سنڌي سماج جي دُک مان جنم ونڊڻ دُکن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏئي ان کي ڪارج پريو ٻڌايو آهي."[٧] رسول بخش پليجي لکيو آهي ته " ڏکَ جو رد عمل رڳو مايوسي ڪانهي. ڏکُ، ڪاوڙ ۽ بدلي، جدوجهد ۽ ويڙھ جا جذبا، سورهيائي ۽ قرباني جا جذبا ۽ پيدا ڪري ٿو. خود مايوسي ۽ ڪو قطعي، آخري، تبديل نہ ٿيندڙ ۽ دائمي احساس ڪونهي. مايوسي ڪجھ وقت کان پوءِ بدلجي اميد ۽ ٿي سگهي ٿي. اها ڦري ڪاوڙ ۽ مقابلي جو جذبو ۽ ٿي سگهي ٿو. احساس ۽ سمجھ جي سفر ۾ مايوسي هڪ قدرتي منزل آهي، پر اها آخري منزل ڪانهي. ماڻهن، طبقن ۽ قومن جي زندگيءَ ۾ مايوسين جو ڪئين ٻاڻ اونداهيون راتيون اچن ٿيون ۽ اميد جي سياڻن صبحن کي جنم ڏئي گم ٿيو وڃن. ڪڏهن ڪڏهن اُهي راتيون سپ کان اونداهيون ان وقت نظر ايندیون آهن، جڏهن پرھ جي ڦٽڻ ۾ باقي کي گھڙيون هو ندیون آهن! انسان جي انفرادي توڙي ڪڏيل زندگيءَ جو سفر لاهين، چاڑھين ۽ ورن وڪڙن جي باوجود بنيادي طرح ڏکن ۽ مايوسين کان سوين ۽ خوشين ڏانهن سفر آهي."[٨] لطيف سائين ڪالھ جي ڏک کي وساري پنهنجن ڪردارن جي مَن ۾ اميد جي روشني پيدا ڪري ٿو. پٽائي غم کي جاڳَ جو وسيلو ٻڌائي ٿو، چوتہ درد من جي اڻ تڻ ۽ تڪليف ۾ سمھڻ نہ ٿو ڏئي.

اُٽِيو ۽ اُٽِياڪُ، ڪالھوڪو ڪاڏي گَيو،
ويو جاڳائي جيڏيون، برھُ هِيءُ بيباڪُ،
جُر قُر ڪاري چاڪُ، سُورُ سُمھاري ڪِينَ ڪي.

(سسئي آبري متفرق، ش)

جنهن کي سورُ هوندو سو ڪيئن سمهي سگهندو. سورُ ۽ اهڙو جيڪو ٿوري ۽ چر پر سان بيچين ڪري ڇڏي. اهو سورُ ماڻهوءَ کي جاڳائي ٿو ۽ جاڳ، پاڻ جي نشاني آهي. اهو درد جو مثبت پهلو آهي.

جڏهن ڪنهن انسان جون آسون ۽ اميدون پوريون ٿيندیون آهن ته اهنجَ سهنجَ بڻجي ويندا آهن، سورَ سُرورَ ۾ مَٽجي ويندا آهن ۽ ماڻهوءَ جي لونءَ لونءَ جھومڻ لڳندي آهي. سسئيءَ جو پنهنجي پنهونءَ سان جو عشق جو ٻنڌڻ هو ۽ ڪيس حاصل ڪري هوءَ جيڪا خوشي ۽ سرهائي محسوس ڪري پئي، اُها بي بيان آهي، پر هوءَ پنهنجي من ۾ اها ۽ اميد رکيو وينی هئي ته ڪڏهن ڪيچ مڪران کان منهنجي محبوب جا مائٽ ۽ ڪَهي ايندا ۽ مون کي عزت بخشيندا ۽ جڏهن ٻاروچا پنيور ۾ پهتا ته ڇڻ سندس آسون ۽ اميدون پُنيون.

آيا آسَ ٿِيامِ، ٻاروچا پَنيورَ ۾
پَسِي پَهَرَ پُنهونءَ جي نُهَن سِين نيڻَ نَرِيامِ
گُوندَرَ وِسرِيامِ، سُکَنِ شاخون مُکِيُون.
(سُر حسيني، د 6، ش)

سسئي ته پنهنجي ساهرن کي ڏسي نَهن کان چوٽيءَ تائين مسرور ٿي وئي ۽ سندس نيڻ ٺري پيا، ڪيس لڳو ته بس هاڻي هن جي من مان غم ۽ گوندر ختم ٿي ويا ۽ سکن جيڪي شاخون ڪڍيون آهن، اهي سندس زندگيءَ ۾ اجالو آڻيندیون پر ڪيس پتو نه هو ته جلد ئي سندس ان خوشيءَ جون گهڙيون ڪافور ٿيڻ واريون آهن ۽ ڪيس دائمي درد ملڻو آهي. چوندا آهن ته جڏهن اميدون ٽٽنديون آهن ته شيشي جي ٽٽڻ وانگر آواز نه ٿيندو آهي. ماڻهوءَ جون آسون ۽ اميدون منَ جي ديوارن سان ٽڪرائجي ٽُٽي پونديون آهن ۽ وري اٽاهه درد جو سيلاب ڪيس ٻوڙي ويندو آهي، سسئيءَ سان ٻ ائين ئي ٿيو. حقيقت اها آهي ته "زندگي مسلسل سور آهي، خوشي آهي ڏکن جي غير موجودگي، جا بنهه ايتري ٿوري آهي جو نه برابر. ارسطو ماڻهوءَ کي هوشيار ڪيو آهي ته: وس ڪري ان سور ۽ عذابَ کان پاڻ کي بچائي، جيتري جمار وڏي، اوتري سورن جي پَري ڳَري، جوانن کي ڪهڙي خبر ته تمنائن جي ٽٽڻ جو ايذاءُ ڪيڏو ڏارينڌڙ آهي؟ آرزوئن جو اڌورو رهڻ سان، جيءُ ڪيئن پچي پُري ٿو. خواهشن جو اُجو رهڻ ڪيڏو نه تڪليفده آهي، جنهن سان زندگي بي معنيٰ ٿيو پوي، جيءُ اٽاسو، ويڳاڻو ۽ اُباڙڪو ٿيو پوي،

زندگي زهر ۽ موت ماکي ٿو لڳي، پر اها مايوسي گناهه آهي."[9] ان ڪري لطيف سائين ٻ سسئي کي پهتل ايڏي وڏي صدمي ۽ سور پچاڻان ٻ منجهس همٿ پيدا ڪري ٿو، ڪيس درد جي ڏهڻ مان ڪڍي وري ٻ مايوس ٽيڻ بدران منجهس هڪ نئين اميد پيدا ڪري ٿو.

ڪيچِي ويا جيڏاهِين، جيڏُيُون!
آهِمِ آسَ اوڏاهِين
(سُر آبري، د 2، ب)

سسئيءَ ڪيچين جي پڻيان پنڌ ڪيو، جيڪو ڪو آسان ڪم ته نه هو. خاص طور ڪنهن عورت لاءِ پيرين پنڌ اهي جبل جهاڳڻ ۽ اوجاڳا ڪاٽڻ، هزار مسئلن ۽ خوفن کي پڻي پويان ڦٽو ڪري اڳتي وڌڻ بنهه سولو ڪونه هو. ڇا سماج جي منفي روين ان جدوجهد لاءِ ڪيس مايوس نه ڪيو هوندو؟ پر هوءَ پرينءَ جي سورن کي ساڻ ڪري پنهنجي منَ ۾ پنهونءَ سان ميلاپ جي اميد کٽي اُهي آڏا ڏونگر ۽ لَڪيون لتاڙيندي رهي.

هيڪَلِيائي هيلَ، پورِيندِيَسِ پُنهونءَ ڏي،
آڏا ڏُونگر لَڪِيون، سُورِيُون سُجَنِ سيلَ،
ته ڪَر ٻِيلي آهِنِ ٻيلَ، جي سُورَ پِريان جا ساڻُ مُون.
(سُر سسئي آبري، د 9، ش)

مطلب سورَ، سفر آسان ڪن ٿا. سورَ ته سهڻيءَ کي ٻ ملياءِ، پلا ساهڙ سان سنگت ڪا سُٽري ته نه هئي، ان لاءِ هن اکُٽ اهنج سڃا، سماجَ جا طعنا تُنڪا پنهنجي جاءِ تي پر عملي طور هن جي جدوجهد ٻ ڪا آسان ته نه هئي. ميهار سان ملڻ لاءِ ڪيس دهشت پريو سنڌو درياهه پار ٿي ڪرٽو پيو ۽ ان تار مان ترڻ لاءِ سندس سهارو هو هڪ گهڙو. حقيقت ۾ اهو گهڙو ٻ اميد جي علامت آهي. چو ته جڏهن هڪ رات هوءَ عشق ۽ جنون جي اجهل جذبي سبب بي خبريءَ ۾ ڪچي گهڙي تي درياهه ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ سندس گهڙو پچي ٿو. لطيف سائين جي لفظن ۾ "گهڙو پڳو، منڌَ مُئي، وسيلا ويا" تڏهن جڻ سندس اميدون ۽ آسون ٻ پورا پورا ٿي پون ٿيون، پر لطيف سائين جو ڪمال ته ڏسو جو هو گهڙي جي سهاري بنان سهڻيءَ کي هيانءَ سان ترڻ جي ٻ تلقين ڪري ٿو.

گهڙو پَڳو ته گهوريو، تان ڪِي تَرُ هِنيان!
(سُر سهڻي، د ١، ش)

يعني پٽائي چوي ٿو ته ڪنهن هڪ سهاري ۽ اميد جي آسري ۾ ناهي رهڻو.
هڪ اميد ٺُٽي ته ٻي پيدا ڪجي.

گهڙو پَڳو ته گهوريو، آسَرَ مَ لاهيج،
لاتَقنطوا مِن رحمتَ اللّٰه"، تُرهي اِن تَريج،
حَبيباڻي هيج، پَسِين مُنهُن ميهارَ جو.

(سُر سهڻي، د ۱، ش)

شاھ لطيف جي سڄي شاعريءَ ۾ جتي غم، درد ۽ وڇوڙا آهن اُتي اميد جي ٻه ڪا ڪمي نه آهي. مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته "سڪن ۾ پرهيز وڌي نيڪي آهي ته ڏکن ۾ همت ۽ صبر ڪاميابيءَ جو معراج آهي. جيئن سڪ اڪثر ڏپن ۽ خرابين کان خالي ناهن، تيئن ڏُک ٻه اڪثر سرهاڻين ۽ اميدن کان خالي ناهن، ٻيئي گڏ آهن."[۱۰] ڏسجي ته ليلا جو غم ٻه ڪو گهٽ ته ڪونه هو. شاعر چواڻي "لمحوں نے خطا کی تھی، صدیوں نے سزا پائی" سو ليلا جو ڏڪُ ٻه اهڙو هو، جيڪو لمحي جي خطا مان اُپريو هو، چنيسر جي ناراضگيءَ بعد لطيف سائين ليلا کي ڪٽي ٻه مايوس نه ڏيکاريو آهي. هن وٽ پڇتاءُ ته آهي پر اميد جو پَلئه هٿان نه ٽي ڇڏي. هن کي اميد آهي ته سندس وَرُ مٽس وڃُ ڪندو ۽ پرچي پوندو، اصل ۾ اهڙو ڏَڻُ ڪيس پٽائيءَ ئي ڏنو آهي:

جي ليلائي نه لهين، ته پٽ ليلائيج
آسَرَ مَ لاهيج، سَجَنُ ٻاجهيندڙُ گهٽو.

(سُر ليلا چنيسر، د ۲، ش)

شاھ سائينءَ جو سُر سارنگ ٻه درد ۽ اميد جو سُر آهي، جنهن ۾ هڪ پاسي ٿر جي ڏُڪار جو ڏُڪ آهي ته ٻئي پاسي ڪارونيار ڪڪرن ۽ آڳم جي اميد ۽ وڏ ڦڙي وَسَ جي آس. حقيقت اها آهي ته لطيف سائين سماج جي نبض تي هٿ رکي نه رڳو ان جي گرمي (Temperature) کي محسوس ڪري ٿو پر ان جو علاج ٻه ڏَسي ٿو. ٻُک ۽ ڏُڪار ٿري سماج جو گڏيل درد آهي ۽ ان درد کي اذيت ۾ تبديل ڪري ٿو 'موذي'. موذي اهو آهي جنهن کي اکيون ناهن، جيڪو نه ڪنهن جا ڳوڙها ڏسي سگهي ٿو ۽ نه ئي پاڻ لڙڪ لاڙي سگهي ٿو، يعني احساس کان عاري ۽ بيحس ماڻهو. موذي اهو آهي، جيڪو اڳي ئي ڏکويلن کي اڃا ٻه ڏُک رسائي ٿو. اصل ۾ موذي رڳو ڪنهن فرد جي صفت نه آهي پر لطيف سائين اهو لفظ هڪ مخصوص طبقي ۽ هڪ پوري نظام جي نمائندگي طور

ڪتب آندو آهي. لطيف سائين پنهنجي رسالي ۾ تمام ٿورن انسانن کي پاراتو ڏنو آهي پر انهن مهانگو ميڙيندڙ موذين کي پٽيو آهي، جيڪي ڏُڪار جي ڏينهن ۾ پنجن مان پندرنهن ڪرڙ لاءِ آتا آهن.

حُڪُمُ ٽيو بادَلَ کي، ته سارَنگَ ساڻَ ڪَجَنِ؛
وِجُون وَسَڻَ آئِيُون، ڏَهَ ڏَهَ مِينهَن ٽِمَنِ؛
جِن مَهانگو لَهي ميڙيو، سي ٿا هَڏَ هَڏَنِ؛
پَنجَن مَنجهان پَندرهَن ٽِيا، اِئَن ٿا وَرِقَ وَرَنِ؛
ڏُڪاريا ڏيهَن مان، شالَ مُوذي سَيُ مَرَنِ؛
وَرِي وَڏي وَسَ جُون، ڪَيُون ڳالِهيُون ڳَنوارَنِ؛
سَيّدُ چوي سَينِ، آهِ توهِ تُنهنجِي آسِرو.

(سُر سارنگ د، ۴، ش)

سارنگ جي مٿين بيت ۾ ٻه طبقا ذڪر هيٺ اچن ٿا. هڪڙو طبقو اهو آهي، جيڪو هٿرادو مهانگائي ڪري اڃي ئي غريب ۽ پيڙيل ماڻهن کي وڌيڪ پيڙڻ چاهي ٿو ۽ ٻيو طبقو ان مجبور ۽ پيڙيل عوام جو آهي، جنهن جي هٿن ۾ وري ٻه اميد جو ڏاڳو آهي، اهو ڏاڳو ڪمزور ضرور آهي پر هو ان کي هٿن مان ڇڏڻ نه ٿا چاهين. اهي مينهن جي وسڪاري ۽ سُڪار جي آسري ۽ اميد تي زندگي گذارڻ چاهين ٿا ۽ جڏهن هنن جي آس ۽ اميد پوري ٿئي ٿي ته ان طبقي جا ارادا مِٽيءَ ۾ ملي وڃن ٿا جيڪو ڪين ڦُرڻ جا سانباها ڪري رهيو هو.

اُنو اوهِيرا ڪَري، مَٽي عاشِقَ اَڄ،
ڏُورِ ڏُڪاريا يَجُ، مِينهَنِ مُنهن ڏيکارِيو.

(سُر سارنگ، د ۱، ش)

شاھ لطيف ٿرَ ۾ سُڪَ ۽ سُڪار ڏسڻ چاهي ٿو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ ٿري ماڻهن جا اُهي خوابَ ۽ اميدون پَسائي ٿو، جن سان ٿر جي خوشحالي جو سڄو منظر اکين اڳيان ڦري وڃي ٿو.

اَگَڻ تازِي، بَهَر ڪُنديُون، پَڪا پَٽ سُونهَنِ؛
سُرَهِي سيجَ، پاسي پرين، مَرُ پيا مِينهَن وَسَنِ؛
اَسان ۽ پِريَنِ، شالَ هُوَنِ بَرابَر ڏينهَڙا.

(سُر سارنگ، د ۱، ش)

ان بيت ۾ لطيف سائين ٿر جي ناريءَ جو ڪيڏو نہ حسين خوابُ پَسايو آهي. پٽائي کي اميد آهي تہ ڏکَن پنيان سُکَ ضرور اچٽا آهن تنهن ڪري هن جا ڪردار بہ سدائين پُر اميد آهن. اگٽ تي تازي گهوڙن ۽ باهر ميدان تي ڪُنڊين مينهن جو هجڻ، پٽن ۽ پوڻن تي اڏيل سهٽن پکڙن ۾ سُگَندَ پري سيج تي پرينءَ جو پاسي ۾ هجڻ ۽ مٽان وري مهر پريو مينهن وسڻ جي آس ۽ اميد هڪ وڻيءَ جي مَن ۾ ڪيڏي نہ خوشي پيدا ڪندي هوندي. اهي سڀ خوابَ ۽ اميدون هڪ پاسي پر ٻئي پاسي ان وڻيءَ جي اها اميد ۽ خواهش تہ شل مان ۽ منهنجو سَهڻ سدائين گڏ هجون ۽ اسان جي عمر جا ڏينهن بہ هڪ جيترا ٿين. سوچجي تہ پنهنجي ورَ سان اٽاهہ محبت ڪندڙ هڪ وڻيءَ جي ان کان وڏي ڪهڙي اميد ۽ خواهش ٿي سگهي ٿي؟

مٿين بيت جي تسلسل ۾ پٽائيءَ جو سُر سارنگ ۾ هينيون بيت بہ ڪمال جو آهي، جنهن ۾ لطيف سائين اُپ مان آگمر جي اميد پَسائي ٿو. ٿر جي اداس عورت آسائتي آهي تہ يون ضرور ڀڄندي ۽ پرديس ويل سندس پرين مينهن جي مند ۾ موٽي ايندو.

اڄ پُـٽ امـيـدون، آگـمَ سـنـديـون اُپ ۾،
سـانـوڻ پسـي سـرتـيـون! سـهـٽ سـاريـو مـون،
آئـون آسـائـتـي آهـيـان، مـان ڀـجـائـي يُـون،
گهرِ تہ گهرجين تون، مند مِڙيوئي مِينهن جي.

(سُر سارنگ، د ۱، ش)

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جي بادلن مان نڪرندڙ اميد جا ڪرٽا ڏسٽا هجن تہ رسالي جي سُر سامونڊي کي بہ ضرور پڙهڻ کپي. حقيقت اها آهي تہ سامونڊيءَ ۾ دردَ جو ساگر پيو ڇُلي. درد جي الڳ الڳ ڪيفيتن جون لهرون پيون اٽن ۽ لهن. شاهہ سائين مايوسيءَ مان اميد ۽ ڏک مان خوشي جو تاثر انسان جي فطري ڪيفيتن مان ڪوري ڪيي ڏيکاري ٿو. جڏهن وٽجارو وٽج لاءِ سامونڊي سفر تي اُسهي ٿو ۽ گهٽو وقت گذرڻ بعد بہ واپس نہ ٿو اچي تہ سندس وڻيءَ جو مَنُ ملول ٿي وڃي ٿو، جن تَڙن تي خوشيون ۽ خوشحاليون هيون، محبوبن جا ميل هئا اتي درد ۽ فراق جون دانهون پيون ٻڌجن.

نہ سي تَڙ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَٽجارَن جون،
سَرتيُون! سامُونڊين جا، اَڄُ پٽ ڇِڪيمِ چاڪَ.

مارِينهون فِراقَ، پاڙيچيُون پرين جا.

(سُر سامونڊي، د ۱، ش)

اونهي ۾ اوهري، جڏهن ويا جي،
موٽي ماڳ نہ آئيا، ماءِ! سامُونڊي سي،
کارو تَنين کي، جيڪُس وَهُ وري ويو!

(سُر سامونڊي، د ۱، ش)

غم کان پوءِ خوشي ۽ مايوسيءَ کان پوءِ اميد هڪ فطري لقاءُ آهي ۽ زندگيءَ ۾ اڪثر ماڻهو انهن ئي ڪيفيتن مان گذرندا رهندا آهن. شاهہ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا اُهي ٻئي رخ پَسايا آهن. هڪ پاسي ايڏي مايوسي جو وٽجاري جي وڻيءَ کي لڳي ٿو تہ ان کاري سمنڊ شايد وٽجارن کي کائي ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ شايد اهي ان اونهي ۾ ٻڏي مري ويا آهن تہ ٻئي پاسي هوءَ پُر اميد آهي، جَرَ تي ڏيئا ٻاري وٽن ۾ وانُٽيون (اڳڙيون) ٻڏي ملڻ جي آس ۽ اميد رکيو ويني آهي. جڏهن سَرَ نسري ڳَئُ جهليندا آهن ۽ اُتر ڏانهن ٽڏڙي هوا شروع ٿيندي آهي تہ اها عين ملڻ جي مند هوندي آهي. وٽجاري جي وني سُکائون باسي ان اميد تي ويني آهي تہ اِجهو منهنجو محبوب ان ملڻ واري موسم ۾ واپس ورندو ۽ منهنجا سيئي دک درد دور ٿي ويندا.

جَرِ تَڙِ ڏِيا ڏي، وَڙِ ٽِڙِ ٻَدي وانـئُـٽِـيُـون
الا! ڪـانـڊُ اَچـي، آسـائِـتِـي آهِـيـان.

(سُر سامونڊي، د 3، ب)

سَرَ نِسِريا پاندَ، اُترَ لڳا، آءُ پِرين!
مون تو ڪارَڙِ ڪانڊَ! سَهسين سُکائون ڪيون.

(سُر سامونڊي، د ۱، ش)

راڏا ڪرشنا لکيو آهي تہ:

"Life is nothing but a series of manifestation of becoming and extinction. It is a stream of becoming."(11)

(زندگي ڪجهہ بہ ناهي پر هستيءَ ۽ نيستيءَ جو هڪ سلسلو آهي ۽ اها هستي جو هڪ وهڪرو آهي.)

جيئن ٽهڙ ۽ ڍهڙ جو سلسلو سڃي زندگي هلندو رهي ٿو، تيئن ئي ڏک، مايوسيون، محروميون، خوشيون، آسون، اميدون ۽ حاصلاتون بہ انساني زندگي جي

وهڪري ۾ هلندیون رهن ٿیون، جن کان ماڻهو ڏار نہ ٿو ٿي سگهي. شاھ سائين زندگي جي انهن ئي لاهن چاڑهن، ٺهڻ ۽ ڍهڻ جي مرحلن توڙي هستي ۽ نيستي جي روپن کي پنهنجي شاعريءَ جي مختلف سُرن ۾ پڌرو ڪيو آهي. هُن ڏُکَ ۽ مايوسيءَ مان هڪ حوصلي سان اُبرڻ ۽ ٽڪل اکين ۾ اميد جي روشني پيدا ڪرڻ لاءِ وري وري ٻڌايو آهي. رسول بخش پليجي درست لکيو آهي تہ "ڏُکُ رڳو ڏاهيندڙ ۽ ناس ڪندڙ نہ پر ڪيترين حالتن ۾ اڏيندڙ ۽ تخليق ڪندڙ بہ آهي. هر عظيم ۽ پياري شيءِ ۽ ڀَالھ، مسئلن ۽ مونجهارن، ڏکن ۽ پيڙائن سان مقابلي ۽ ويڙھ مان پيدا ٿي آهي. ڏُکَ انسانيت جا گهڻا اعليٰ ترين گُڻَ پيدا ڪن ٿا. انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ويجهي ۾ ويجها ناتا، گڏيل ڏُکَ، گڏيل پيڙائون پيدا ڪن ٿيون. ماڻهوءَ جي آزمائش سُکن ۾ نہ، ڏکن ۾ ٿئي ٿي. ڏکَ ۽ پيڙائون ئي انسانن کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بٽائين ٿا."[12] جيئن ڪنهن خوشيءَ جي ڪاج ۾ ماڻهو اجتماعي خوشي ملهائيندا آهن، ائين ئي اجتماعي ڏُکَ بہ ٿيندا آهن. ٻوڏون، زلزلا ۽ طوفان بہ ماڻهن کي گڏيل ڏُکَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا آهن، اصل ۾ ڏک جو رشتو رَتُ جي رشتن کان بہ وڌيڪ گهرو ٿيندو آهي. ڏکن ۽ پيڙائن ۾ ورتل ماڻهو ٻٽائيءَ جي لفظن ۾ 'اڇو سورن واريون، ڪريون سور پچار' چئي هڪ ٻئي سان پنهنجو ڏُک وندیندا آهن. انهن ڏکائتن انسانن لاءِ اميد جو هڪ ڪرڻو بہ وڏي وٽ هوندو آهي. جيئن لطيف سائين چيو آهي:

اَگهن مِڙي اَڄُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ کي،
ڏورُ ڏکندا ڀَڄُ، مِهريءَ مُنهن ڏيکاريو.

(سُر يمن ڪلياڻ، د 2، ش)

اگهن جو مڙڻ ئي اصل ۾ ڏُکَ جو طاقت ۾ تبديل ٿيڻ آهي. اگها گڏُ ٿيندا تہ ڏُک ڀَجندو . ٻٽائيءَ جا اُهي اگها ۽ بيمار پيڙيل ۽ مظلوم طبقي جا نمائنده انسان آهن.

"سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شاھ لطيف جيڪي زندگي جون مشعلون پنهنجي شاعريءَ سان ٻاريون هيون، اهي اڄ بہ ٻرن پيون. سندس شاعري اڄ بہ روشني آهي، اميد آهي، آسرو آهي. سندس شاعري رڳو درد ڏانهن اشارو نہ آهي پر سنڌ ۾ رهندڙ سنڌ جي باشعور ۽ باضمير سنڌ ڏٺين جي روحن جو عظيم سهارو بہ آهي."[13] شاھ لطيف پنهنجي ڪلام جي سڃي گنجَ ۾ درد ۽ اميد گڏ گڏ سمائي، انساني زندگيءَ جو فطري لقاءُ ڏيکاريو آهي. لطيف سائين رڳو سنڌ جي ماڻهن کي ئي مايوسين ۽ محرومين مان

نڪرڻ جو ڏُسُ نہ ٿو ڏئي پر هن جي شاعريءَ ۾ سڃي دنيا لاءِ ساڳيو پيغام آهي. ڪالھ جڏهن سنڌ سميت سڃي دنيا ڪرونا جي موت مار وبا جو شڪار هئي تہ بہ اسان ٻٽائي جو رسالو کولي اُهي بيت ٻئي پڙهيا جن ۾ حوصلو ۽ اميد هئي ۽ اڄ جڏهن سڃي سنڌ ٻُڏي آهي تہ بہ ٻٽائي جي شاعريءَ مان ئي اميد جو رستو ملي ٿو.

ميرَا پَسي مَگَٽا، سَپَڙَ سَڏَ ڪِيا،
سَبوجَهَن سُئا، اَبوجهَن آسَرو.

(سُر پرياتي، د 1، ش)

حوالا

۱. ابڑو آفتاب(سهيڙيندڙ)، 'شاھ لطيف: عظيم مفڪر' (مقالو: 'شاھ لطيف۔هڪ مفڪر'، شيخ ايار)، سنڌيڪا اڪيڈمي، ٻيو ڇاپو، ۲۰۰۵ع ص: ۸۶.

۲. سراج 'شاھ لطيف جي آفاقيت' سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، حيدرآباد ۔ ڪراچي، ۲۰۱۷ع، ص: ۲۶ ۽ ۲۷.

۳. دانش احسان ڊاڪٽر، 'شاھ لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج' ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومتِ سنڌ، ۲۰۱۶ع، ص: ۴۵۰.

۴. ابڑو آفتاب(سهيڙيندڙ)، 'شاھ لطيف: عظيم مفڪر' (مقالو: 'شاھ لطيف۔هڪ مفڪر'، شيخ ايار)، سنڌيڪا اڪيڈمي، ٻيو ڇاپو ۲۰۰۵ع، ص: ۹۱.

۵. جنجهي نور احمد، 'ڏورِ تئائين ڏُسُ'، ڪنول پبليڪيشن قنبر، ۲۰۱۸ع، ص: ۱۲۴.

۶. ساڳيو، ص: ۱۲۴-۱۲۵.

۷. دانش احسان ڊاڪٽر، 'شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو فلسفو'، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، ۲۰۲۱ع، ص: ۱۶۱.

۸. پليجو رسول بخش، 'تنين ماڻڪ ميڙيا' روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۲۰۱۵ع، ص: ۱۹۷.

۹. ناگپال کي ايس پروفيسر 'صوفي لاڪوفي' سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي، ۲۰۱۸ع، ص: ۱۳۴.

۱۰. بيگ مرزا قليچ، 'مقالات الحڪمت'، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۸ع، ص: ۵۰.

11. Radhakrishnan, Indian Philosophy Vol. London viiith Edition p-367.

۱۲. پليجو رسول بخش، 'تنين ماڻڪ ميڙيا' روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۲۰۱۵ع، ص: ۱۹۶.

۱۳. ملاح عبدالله پروفيسر، (مضمون: ٻٽائي ۽ سنڌ)۔روزاني ڪاوش، ڊسمبر ۲۰۱۲ع، ايڊيٽوريل صفحو، ص: ۲۸.

* هن مقالي ۾ ڏنل بيتن پنيان 'د' سُر جي داستان جي نشاندهي ڪري ٿو، جڏهن تہ ۽ اکر 'ش' محترم غلام محمد شاهواڻي واري رسالي ۽ 'ب' ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري رسالي جي نشاندهي لاءِ ڏنل آهن. فارسي ۽ اردو شعر پنهنجي مطالعي ۽ يادگيري جي آڌار جي ڏنا اٿم.